ABC Certified
ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر مان هڪ ئي وقت شايع ٿيندڙ
Daily EKTA Karachi
چيف ايڈيٽر: محبوب عباسي
روزاني
ايڪتا
ايڈيٽر: تصوير سنديلو
ڪراچي
email: dailyekta@gmail.com
سال 07۔ شمارو 338، چنڇر 16 نومبر 2019ع بمطابق 18 ربيع الاول 1441ھ قيمت 10 روپيا
Saturday, November 16, 2019

حڪومت 9 آرڊيننس جا منظور ٿيل بل رد ڪري ڇڏيا، اپوزيشن پاران ڊپٽي اسپيڪر خلاف بي اعتمادي رٽ واپس وٺڻ جو اعلان

پي ٽي آءِ سرڪار 9 آرڊيننس جا قومي اسيمبلي مان منظور ٿيل بل واپس وٺڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو، جنهن بعد اپوزيشن ب ڊپٽي اسپيڪر قاسم سوري خلاف بي اعتمادي رٽ واپس وٺڻ جو فيصلو ڪيو

حڪومت 7 نومبر تي منظور ٿيل 9 آرڊيننسز واپس وٺندي، اهي واڪيبل ڪميٽيز ڏانهن صلاح مشورن لاءِ موڪليا ويندا، هاڻي اپوزيشن ڊپٽي اسپيڪر خلاف بي اعتمادي رٽ واپس وٺڻ لاءِ تيار آهي: خواجا آصف

اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي عهدن کي تڪراري نڪا بڻائڻ گهرون، جنهن نظرئي تي ووٽ وٺي آيا آهيون، اُن تان هڪ انچ ب پوئتي نه هٽنڊو آهي، اپوزيشن جو ب حق آهي ته اُها پنهنجو نقطۂ نظر بيان ڪري: اسد عمر

پاڪستان ميڊيڪل ڪميشن 2019ع تي ايندڙ اجلاس ۾ بحث ٿيندو، بي نامي ٽرانزيڪشن آرڊيننس ب ٻيهر اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ويندو، پر منظوري ڪان اڳ مشاورت لاءِ بل کي واڪيبل اسٽينڊنگ ڪميٽي ڏانهن موڪليو ويندو: اعظم سواتي

وفاقي وزير پرويز خٽڪ ڊپٽي اسپيڪر قاسم سوري خلاف بي اعتمادي رٽ واپس وٺڻ تي اپوزيشن جا ٽورا مجيا ۽ خاطري ڪرائي ته حڪومتي ڏر ب بهتر رويو رکندي

اسلام آباد (ر ڊ) پي ٽي آءِ سرڪار 9 آرڊيننس جا قومي اسيمبلي مان منظور ٿيل بلز واپس وٺڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو، اپوزيشن ب ڊپٽي اسپيڪر قاسم سوري خلاف بي اعتمادي رٽ واپس وٺڻ ڪيو آهي، اسپيڪر اسد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 16

پشاور: آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوه فرنٽيئر ڪور جي آفيسرن ۽ جوانن کي خطاب ڪري رهيو آهي.

الیکشن ڪميشن جي ميمبرن جي مقرري وارو فيصلو رد، حڪومت ۽ اپوزيشن کان نوان نالا طلب

اسلام آباد (ر ڊ) الیکشن ڪميشن جي ميمبرن جي مقرري وارو فيصلو رد ڪيو ويو، حڪومت ۽ اپوزيشن کان ميمبرن جا نوان نالا طلب ڪيا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 31

وفاقي سرڪار ۽ نيب جا اعتراض رد، نواز شريف جو اي سي ايل مان بنا شرط جي نالو ڪڍڻ لاءِ درخواست ٻڌڻ جوڳي قرار

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس باقر علي نجفي جي سربراهيءَ ۾ جُڙيل 2 رُڪني بينچ نواز شريف کي بنا ڪنهن شرط جي پڙهيه موڪلڻ بابت شهباز شريف جي داخل ڪرايل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

نواز شريف سزا ملهيل جوابدار آهي، ڪيس سيڪيورٽي بانڊز ڪانسواءِ پڙهيه وڃڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي، ان ڪري پڙهيه وڃڻ لاءِ سيڪيورٽي بانڊن وارو شرط برقرار رکيو وڃي، وفاقي سرڪار جواب جمع ڪرائي ڇڏيو

لاهور هاءِ ڪورٽ کي نواز شريف جي پڙهيه وڃڻ بابت درخواست ٻڌڻ جو اختيار نه آهي، تنهن ڪري درخواست رد ڪئي وڃي نواز ليگ سربراهه خلاف مختلف عدالتن ۾ ڪيس هلندڙ آهي، نيب جي سفارش تي سندس نالو اي سي ايل ۾ شامل ڪيو ويو هو

لاهور جي عدالت ٻڌڻيءَ بعد فيصلو ڪجهه ڏينهن لاءِ محفوظ ڪيو، جيڪو بعد ۾ جاري ڪندي وفاقي سرڪار ۽ نيب جا اعتراض رد ڪندي درخواست کي ٻڌڻ جوڳو قرار ڏئي ڇڏيو

اي سي ايل مان نالو ڪڍڻ يا شامل ڪرڻ وفاق جو ڪم آهي، سزا ملهيل شخص کي هر ٻڌڻيءَ تي پيش ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي، اها ذميواري نيب جي نه آهي: نيب اختيارين لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ جواب جمع ڪرايو

دنيا ۾ چين جهڙي طرح ترقي ڪئي آهي، اهڙي ڪنهن ٻئي ملڪ ناهي ڪئي: عمران خان

خساري ۾ حڪومت ملي آهي، پر معاشي ٽيم ڏڪئي وقت مان ڪڍيو آهي: وزيراعظم

معاشي ٽيم حڪومت کي وڏي ڪرنٽ خساري مان ڪڍيو جنهن سان معيشت مستحڪم ٿي آهي

گلوبل وارمنگ ايندڙ نسلن لاءِ وڏو چئلينج آهي، هوا مان 360 ميگاواٽ بجلي منصوبي تي 45 ڪروڙ ڊالرز خرچ ٿيندا

اسان کي اڳتي وڌي معيشت کي هلائڻو آهي، عام ماڻهن جي زندگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون

اسلام آباد (ر ڊ) وزيراعظم عمران خان چيو ته جيترو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 53

ڪراچي: ڊي ايڇ اي ايسٽ سيڪنڊري انيسا ڀگهيو

ايپڪا پاران انيسا ڀگهيو کي چارج چڏڻ لاءِ سومر تائين الٽيميٽم

انيسا ڀگهيو وري چيف سيڪريٽري جو حڪم هوا ۾ اڏائي ڇڏيو

ڊي اي او ايسٽ سيڪنڊري انيسا ڀگهيو بدلي، ڪورنگي ۾ اسڪول جي پرنسپال مقرر

ڪجهه ب ٽي پوي ڊي اي او ايسٽ جو عهدو نه چڏيندڙ، انيسا ڀگهيو جو ڪتو جواب

انيسا ڀگهيو سومر تائين چارج نه چڏي ته اڳاري تي احتجاج ڪيو ويندو: ايپڪا اڳواڻ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڊي اي او ايسٽ سيڪنڊري جي هڪ پيرو ٻيهر بدلي، ڪجهه ٽي پوي چارج نه چڏيندڙ، انيسا ڀگهيو وري ب چيف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 42

سنڌ حڪومت نيب جي ترميمي آرڊيننس کي سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو

وفاق جيلن جي معاملي تي ڪابه ترميم نٿو ڪري سگهي، جيل صوبائي سبجيڪٽ آهي: سنڌ حڪومت

جيلن بابت قانون وفاقي حڪومت نٿي ناهي سگهي، جيلن بابت قانونسازي صرف صوبا ئي ڪري سگهن ٿا

ترميم کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ حڪومت طرفان پٽيشن داخل ڪرائي ڇڏي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت نيب جي ترميمي آرڊيننس کي سپريم ڪورٽ ۾ چيلنج ڪري ڇڏيو، داخل ڪيل درخواست ۾ سنڌ حڪومت پاران موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته وفاقي حڪومت جيلن ۾ قيدين کي سهوليتن بابت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 43

حيران آهيان ته ماڻهو اسيمبلي ۾ ب ڪرڙ ڀالهائيندا آهن: فواد چوڌري

خواجه آصف موجب حڪومتي لا آفيسر چيو هو ته نواز شريف مري ٿو ته مري وڃي

عدالتي فيصلي جي پيرا نمبر 2 خواجه آصف جي ڪرڙ کي پڌرو ڪري ٿي

اسلام آباد (ر ڊ) فواد چوڌري حڪومتي عهديدارن جي خلاف خواجه آصف جي بيان جو عدالتي ثبوت ڪٿي آيو، فواد چوڌري چيو ته عدالتي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 54

سنڌ حڪومت پاران ذخيرا اندوزي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت ذخيرا اندوزي ڪندڙن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪندي صوبي ۾ موجود گدامن ۽ مال خانن جي انسپيڪشن جو حڪم ڏئي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 44

اسلام آباد ۽ ڪراچي سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ جي يو آءِ جا ڏرٻا، گاڏين جون قطارون لڳي ويون

مولانا فضل الرحمان جي آزادي مارچ جي "پلان بي" تحت سجي ملڪ ۾ ڏرٽن جو سلسلو ٻئي ڏينهن ب جاري رهيو

اسلام آباد ۾ جمعيت علماءِ (ف) جي ڪارڪن 26 نمبر چورنگي کان جي ٽي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

ڪراچي ۾ حب لکي چورنگي تي ڏرٽو، حب ٽول کان پهرين ڪنٽينرن جون ڏگهيون قطارون لڳي ويون

تونسه شريف ۾ ٻئي ب ڏينهن ب ڪڏ بزدارجي مقام تي ڏرٽو، اندس هاءِ وي تي ٽهيل ڪڏ بزدار پل تي سوين گاڏيون بيهي ويون

ڪراچي (ر ڊ) وفاقي راجڌاني اسلام آباد ۽ ڪراچي سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ جمعيت علماءِ (ف) جي ڪارڪنن ڏرٽا هنيا روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيا، مولانا فضل الرحمان جي آزادي مارچ جي "پلان بي" جي تحت سجي ملڪ ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 45

ڪراچي: جي يو آءِ پاران حب ريور روڊ تي ٻڌي ڏينهن ب ڏرٽو هنيو ويو آهي.

پشاور هاءِ ڪورٽ جي يو آءِ (ف) کي روڊ بند ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

پشاور (ر ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ-ف) کي روڊ بند ڪرڻ کان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 46

گمبٽ ۽ پرپاسي مختلف روڊ حادثا، 8 ڇٽا زخمي

گمبٽ (ن ايڪتا) گمبٽ ۽ آسپاس جي مختلف علاقن ۾ روڊ حادثن سبب 8 ڇٽا زخمي ٿي پيا، گمبٽ ۽ آسپاس جي مختلف روڊ حادثن ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 47

ايس ايس پي لاڙڪاڻو جو ايڪشن، هڪ اهلڪار برطرف، 24 اهلڪار ڪوارٽر گهاٽ ڪري ڇڏيا

مسعود بنگش عوامي شڪايتن تي 25 پوليس اهلڪارن کي مختلف سزائون ٻڌائي ڇڏيون

ايس ايس پي فرض ۾ غفلت ڪرڻ سبب سپاهي دوست محمد کي نوڪري مان برطرف ڪري ڇڏيو

عبدالخالق، عارف علي، عاشق علي، محمد نواز، امتياز علي، زاهد علي، علي خان، جاويد علي ۽ ٻيا ڪوارٽر گهاٽ

مسجدن توڙي امام بارگاهن جي سيڪيورٽي سخت ڪندي ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز کي آن روڊ رهڻ جو حڪم

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي لاڙڪاڻو مسعود احمد بنگش پاران عوامي شڪايتن ٻڌائون، ان ۾ ڪال ايس ايس پي لاڙڪاڻو عوامي شڪايتن ٻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 48

فرض ۾ غفلت ڪرڻ تي 25 پوليس اهلڪارن کي مختلف سزائون ٻڌايون ويون، ان

پاڪستان کي عالمي سطح تي ٽي وڏيون ڪاميابيون ملي ويون

هٿيارن واري ڪنونشن جي ميمبر ملڪن جي سالياني اجلاس جي سربراهي پاڪستان حوالي

عالمي ماحولياتي فنڊ ۾ مختلف عالمي ڪميٽين جي سربراهي پاڪستان کي ملي وئي

اسلام آباد (ر ڊ) پاڪستان کي عالمي سطح تي ٽي وڏيون ڪاميابيون ملي ويون آهن جنهن تحت پاڪستان کي مختلف عالمي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 55

ڪراچي: پاسبان ڊيموڪريٽڪ پارٽي پاران ڀينگي ۽ رولو ڪتن جي آزار خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي.

حب ويجهو مسافر ڪوچ ڪلٽي، 20 ڇٽا زخمي

آر سي ڊي هاءِ وي تي ڪوئيٽا کان ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ ڪلٽي ٽي پئي

روڊ حادثي ۾ ڊرائيور آصف، ياسين، اطهر، طوبه، عبداللطيف ۽ ٻيا زخمي ٿي ٻيا

سخت زخمي ٿي پيا. آر سي ڊي هاءِ تي ڪوئيٽا کان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 38

حب (ر ڊ) حب ويجهو تيز رفتاري سبب مسافر ڪوچ ڪلٽي ٽيڪ سبب 20 ڇٽا

فروغ نسيم پاران سنڌ ۾ نوڪرين جي ڪوٽا غيرقانوني قرار

پنجاب ۾ ڪوٽا سسٽم ناهي ته پوءِ سنڌ ۾ ڇو آهي؟: فروغ نسيم

ڪوٽا سسٽم، غيرقانوني، غيرآئيني ۽ غيرشرعي آهي

صوبن ۾ ڪوٽا جي پڇڪڙي ڪئي وئي آهي: سينيٽ ڪميٽي ۾ بيان

اسلام آباد (ر ڊ) قانون واري وفاقي وزير فروغ نسيم سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ نوڪرين جي ڪوٽا سسٽم ڪي غيرقانوني قرار ڏئي ڇڏيو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 35

منشيات اسمگلنگ خلاف انٽيلي جنس تي ٻڌل آپريشن شروع ڪرڻ جو فيصلو

وڏي وزير جي صدارت ۾ صوبائي ۽ وفاقي نارڪوٽڪس جي روڪٿام ڪنٽرول ايجنسين جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ هڪ ٻئي سان ڳڏ اسمگلرن جي ڇُوٽ ۽ ڏيتا شيئر ڪرڻ ۽ سرحدن تي ڪنٽرول ڪرڻ تي اتفاق

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي ۽ وفاقي نارڪوٽڪس جي روڪٿام ڪنٽرول ايجنسين جو اجلاس جي هڪ اهلي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 36

الیکشن ڪميشن ن ليگ ۽ پيپلزپارٽي کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

پ پ ۽ ن ليگ الیکشن ڪميشن جي ريبار تي، پڙهيهي فنڊنگ جي جاچ شروع ڪئي وئي

ٻنهي پارٽين جي اڪائونٽ کي 26 نومبر تي ڪميٽي جي آڏو پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي وئي

اسلام آباد (ر ڊ) پيپلزپارٽي ۽ (ن) ليگ ب الیکشن ڪميشن جي ريبار تي اڇي ويا آهن، الیکشن ڪميشن جي اسڪروٽني ڪميٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 37

وزيراعظم سان آرمي چيف جي ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

ملاقات ۾ ملڪي سيڪيورٽي ۽ والاريل جمون ۽ ڪشمير جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

وزيراعظم عمران خان پاران سرحدن جي دفاع لاءِ پاڪ فوج جي جاري ڪوششن جي واکاڻ

اسلام آباد (ر ڊ) وزيراعظم عمران خان سان آرمي چيف جي ملاقات ۾ ملڪ جي سيڪيورٽي ۽ والاريل جمون ۽ ڪشمير جي صورتحال /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 34

ڪٽي جو ڏاڙهيل لاڙڪاڻي واسي نينگر ڪراچي ۾ نندڙ ڪائٽ جو شڪار

6 ورهين جي نينگر حسنين کي وڪسين نه ملڻ سبب اندس اسپتال ۾ آندو ويو

اندس اسپتال مان موت نه ملڻ تي نينگر سول اسپتال منتقل، اتان وري ٻئي هنڌ ريفر

والدين معصوم نينگر کي ڪٽي جناح اسپتال پهتا جتان ڪيس اين آءِ سي ايچ ڊي ريفر ڪيو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪتي جو ڏاڙهيل لاڙڪاڻي واسي 6 ورهين جو نينگر ڪراچي ۾ نندڙ ڪائٽ جو شڪار آهي، والدين نينگر کي ڪٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 39

سنڌ جي عوام کي هوست، پاڇين جا اڳهه چوٽ چڙهي ويا

ٽماٽا، پيندي، بصر، مرچن، گوبي ۽ پالڪ جا اڳهه ٽيڻ تي وڏي ويا

ادرڪ، ٿوم 200 روپيا، پٽاٽا 60 روپيا ڪلو ۽ بصر 100 روپيا اڳهه مقرر

پيندي 140، توري 120، پالڪ 100 روپيا ۽ مرچ 150 روپين ۾ وڪرو

شملا مرچ 200 روپيا ڪلو، مٽر 240 روپيا ڪلو، گوڪرڙو 100 روپيا ڪلو تي ويا

ڪراچي (نمائندو وٽان) سنڌ ۾ پاڇين جا اڳهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن، غريب عوام جي خريداري جي سگهه ختم ٿي وئي آهي. مختلف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 40

ڪڍڻ ويجهو هٿيار بندن دڪان تي ستل نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ميرالهه بچايو ٽالپر ۾ جوابدارن، نوجوان صديق ٽالپر کي ڪري قتل ڪيو

پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال پهچايو، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

نوجوان جو مڙهه گهر پهچائڻ وقت پاتيون ۾ ڪهرام مچي ويو، وارثن جي بيهوشي جا ڏورا

ڪڍڻ (ن ايڪتا) ڪڍڻ ويجهو اڻڄاتل هٿياربندن دڪان تي ستل نوجوان کي تيز ڌار سان بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو. ڳوٺ ميرالهه بچايو ٽالپر ۾ جوابدارن، نوجوان صديق ٽالپر کي هٿياربندن تيز ڌار سان قتل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 41

ڪٽي جو ڏاڙهيل لاڙڪاڻي واسي نينگر ڪراچي ۾ نندڙ ڪائٽ جو شڪار

6 ورهين جي نينگر حسنين کي وڪسين نه ملڻ سبب اندس اسپتال ۾ آندو ويو

اندس اسپتال مان موت نه ملڻ تي نينگر سول اسپتال منتقل، اتان وري ٻئي هنڌ ريفر

والدين معصوم نينگر کي ڪٽي جناح اسپتال پهتا جتان ڪيس اين آءِ سي ايچ ڊي ريفر ڪيو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪتي جو ڏاڙهيل لاڙڪاڻي واسي 6 ورهين جو نينگر ڪراچي ۾ نندڙ ڪائٽ جو شڪار آهي، والدين نينگر کي ڪٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 39

سنڌ جي عوام کي هوست، پاڇين جا اڳهه چوٽ چڙهي ويا

ٽماٽا، پيندي، بصر، مرچن، گوبي ۽ پالڪ جا اڳهه ٽيڻ تي وڏي ويا

ادرڪ، ٿوم 200 روپيا، پٽاٽا 60 روپيا ڪلو ۽ بصر 100 روپيا اڳهه مقرر

پيندي 140، توري 120، پالڪ 100 روپيا ۽ مرچ 150 روپين ۾ وڪرو

شملا مرچ 200 روپيا ڪلو، مٽر 240 روپيا ڪلو، گوڪرڙو 100 روپيا ڪلو تي ويا

ڪراچي (نمائندو وٽان) سنڌ ۾ پاڇين جا اڳهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن، غريب عوام جي خريداري جي سگهه ختم ٿي وئي آهي. مختلف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 40

ڪڍڻ ويجهو هٿيار بندن دڪان تي ستل نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ميرالهه بچايو ٽالپر ۾ جوابدارن، نوجوان صديق ٽالپر کي ڪري قتل ڪيو

پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال پهچايو، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

نوجوان جو مڙهه گهر پهچائڻ وقت پاتيون ۾ ڪهرام مچي ويو، وارثن جي بيهوشي جا ڏورا

ڪڍڻ (ن ايڪتا) ڪڍڻ ويجهو اڻڄاتل هٿياربندن دڪان تي ستل نوجوان کي تيز ڌار سان بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو. ڳوٺ ميرالهه بچايو ٽالپر ۾ دڪان تي ننڊ ۾ ستل نوجوان صديق ٽالپر کي هٿياربندن تيز ڌار سان قتل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 41

آمدني کان وڌيڪ اثاثا ناهڻ وارو ڪيس: ايس قادر شاهه ۽ ٻيا عدالت پيش

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ خورشيد شاهه جي آمدني کان وڌيڪ ملڪيت ناهڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي 16 جنوري تائين ملتوي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 17

راولپنڊي (ر ڊ) آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوه چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز جي ڪوششن سان ملڪ ۾ ترقي جو مرحلو شروع ٿي ويو آهي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل قمر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 23

سنڌ ۾ ٻئي ڏينهن ب برسات جو سلسلو جاري، ماءُ ڈيءَ سميت وڌيڪ 5 ڇٽا فوت

برسات سبب ڀٽ وڌي وئي، بجلي ۽ مواصلاتي نظام ڊانواڊول ٿي ويو ۽ فصلن کي ب ڪاپاري ڊڪ رسڻ جو امڪان

سکر، پنو عاقل، روهڙي، ڪنڊرا ۽ باگڙجي ۾ ٻئي ڏينهن ب وقفي وقفي سان برسات سبب عام زندگي مفلوج

شهدادڪوٽ ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب عورت مسمات مريم خاتون ۽ سندس 6 ورهين جي ڈيءُ شمائلا مگسي فوت

خانپور مهر جي ڳوٺ مڙڙي ۾ بجليءَ جو ڪرنٽ لڳڻ سبب نينگر پرويز انصاري فوت، پيرجو ڳوٺ ۾ 2 مينهون مري ويون

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مختلف علاقن ۾ ٻئي ڏينهن ب برسات جا سلسلو جاري آهي، گجگوڙ سان برسات دوران وڇون ڪرڻ سوڌو ٻين حادثن ۽ واقعن ۾ ماءُ ڈيءُ سوڌو وڌيڪ 3 ڇٽا فوت ٿي ويا، مينهن، ڪرين ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 18

خانپور مهر ۾ برسات سان پيل ڳڙو، ٻئي پاسي پنوعاقل، راڻن، پيرجو ڳوٺ ۽ لاڙڪاڻي ۾ برسات بعد بيبل پاٽيءَ جو ڏيک.

پ پ چيئرمين آزادي مارچ کي ڪامياب قرار ڏئي ڇڏيو

ايندڙ سال نئون وزيراعظم هوندو، سول نافرماني لاءِ مولانا جي حمايت نه ڪنداسين: بلاول

وزيراعظم جي وڃڻ جا امڪان وڌي ويا آهن، جي يو آءِ جي پلان بي ۽ چوڌري پائڻ سان گڏجاڻين جا تفصيل رهبر ڪميٽي کي ناهن ٻڌايا ويا

آصف زرداري ضمانت لاءِ درخواست نه ٿو ڏئي پر ڪيس ڊاڪٽر سان ملڻ لاءِ 6 مهينن جي اجازت ب نه ٽي ڏني وڃي

پلان بي ۽ سي جا تفصيل ملڻ کانسواءِ انهن جي حمايت تي نه ٿو ڀالهائي سگهان، پ پ جو يوم تاسيس آزاد ڪشمير ۾ ملهائيندا سين

اسلام آباد (ر ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو آزادي مارچ کي ڪامياب قرار ڏيندي چيو آهي ته وزيراعظم جي وڃڻ جا چانسز گهٽ نه ٿيا آهن، وڌي ويا آهن، ايندڙ سال نئون وزيراعظم هوندو جي يو آءِ جي پلان بي ۽ چوڌري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 19

سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه سان وفاقي وزير شهريار آفريدي جي ملاقات

سنڌ حڪومت منشيات جي خاتمي لاءِ سخت قدم کڻي رهي آهي: مراد علي شاهه

آئيس ڊرگ اسمگلنگ ڪرڻ وارن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آهي

وفاقي حڪومت طرفان سنڌ حڪومت جي پرپور مدد ڪئي ويندي: شهريار آفريدي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت منشيات جي روڪٿام ۽ خاتمي لاءِ سخت قدم کڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 20

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وفاقي وزير شهريار آفريدي سان ملاقات ڪندي.

سنڌ جي وڏي وزير جي ڊينمارڪ جي سفير سان ملاقات

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 24

سنڌ ۾ امتحان دوران ڪاپي روڪڻ لاءِ اثرائتو مڪينزم جوڙڻ جو حڪم

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ امتحان دوران /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 25

عدالت نواز شريف کي وڃڻ ڏئي ٽي ته اسان کي ڪو ب اعتراض ناهي: شهزاد اڪبر

اسلام آباد (ر ڊ) وزيراعظم جي احتساب بابت معاون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 26

هو چوڻ سراسر غلط هوندو ته اسپتالن ۾ ڪتي جي ڪٽڻ جي ويڪسين ناهي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) وزيراعليٰ سنڌ جي قانون، سامونڊي ترقي ۽ ماحوليات واري صوبائي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 27

ڪوئيٽا ۾ سيڪيورٽي فورسز جي گاڏي پرسان ڏماڪو، 2 اهلڪار شهيد، 4 سخت زخمي

بليلي واري علاقي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي گاڏي کي نشانو بڻايو ويو، ڏماڪي جي اطلاع تي نفري پهچي وئي

ڏماڪي دوران شهيد ٿي ويل اهلڪارن جا مڙهه ۽ زخمي جوانن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، زخمين کي طبي امداد فراهم

موٽر سائيڪل ۾ بارودي مواد پريل هو، ڏماڪي ۾ 8 کان 9 ڪلو ڏماڪيدار مادو پيل هو: سيڪيورٽي فورسز

ڪوئيٽا (بيورو رپورٽ) ڪوئيٽا جي بليلي واري علاقي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي گاڏي پرسان زوردار ڏماڪو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 اهلڪار شهيد ٿي ويا ۽ 4 جوان سخت زخمي ٿي پيا، سيڪيورٽي فورسز ليويز اهلڪار /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 21

جيڪب آباد ۾ جي يو آءِ جي ڏرٽي سب ٽريفڪ جام، پارٽي جو مڙهه پوليس موبائيل ۾ ڪٽائي قبرستان تائين پهچايو ويو

جيڪب آباد (ن ايڪتا) جيڪب آباد ۾ جي يو آءِ جي ڏرٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 28

تحريڪ انصاف جي ڪور ڪميٽي جو اجلاس ايندڙ جمعي تي طلب

ڪور ڪميٽي جي اجلاس ۾ سياسي ۽ معاشي صورتحال جو جائزو ورتو ويندو

نواز شريف کي باهرين ملڪ وڃڻ جي اجازت جي معاملي تي ب ڳالهه ٻولهه ٿيندي

اجلاس دوران مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ متعلق قدمن جو جائزو ب ورتو ويندو

اسلام آباد (ر ڊ) وزيراعظم عمران خان پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪور ڪميٽي جو اجلاس جمعي تي طلب ڪري ورتو آهي، ذريعن موجب /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 22

ڪراچي: مجلس وحدت المسلمين پاران امام مهدي عه جي گستاخي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي.

دادو ضلعو مذهبي فرقيواريت کان پاڪ رهيو آهي، فساد ڦهلائڻ جي گنجائش ناهي: شيعا علماءِ ڪائونسل

دادو (ڊر) دادو ۾ شيعا علماء ڪائونسل سنڌ جي نائب /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 29

لاڙڪاڻي اسپتال ۾ داخل دينگي جا مريض بي يارومددگار بٽيل

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي چانڊڪا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 30

ABC Certified

Daily EKTA Karachi

چيف ايڈيٽر: محبوب عباسي

روزاني

ايڪتا

ڪراچي

مئيجنگ ايڈيٽر: آصف بالادي

dailyektakarachi@gmail.com

ايڈريس: D_29 سچل گوٺ ڪراچي

021-35183464

021-38894150

چنڇر 16 نومبر 2019ع

برسات ڪانپوءِ.....!!!

ماجد سمون

برسات جيڪڏهن ته ٿي پوي ته پوءِ چا ٿو ٿئي؟ سڄي سنڌ تر ٻڏجي وڃي ٿي. اوهان کي ته خبر آهي ته پ پ چيئرمين بلاول پٽو زرداري جيڪا برسات بابت ٽيوري پيش ڪئي هئي ان تي جيڪڏهن اسان عمل ڪريون ته سڀ جا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. اسين 21هين صديءِ ۾ هلي رهيا آهن ان کان اڳ اسان کي ڪڏهن اهڙي ڳالهه ته موسميات ڪاني جي ماهرن به ڪونه ٻڌائي هئي ته جڏهن برسات پوندي آهي ته مٽان پاڻي ايندو آهي ۽ جڏهن گهٽي برسات پوندي آهي ته پوءِ گهٽو پاڻي ايندو آهي.

ب ب چيئرمين پنهنجي سائنسي اوزارن سان ان ٽيوري تي به ڪم ڪري رهيو آهي ته برسات کان پوءِ چا ٽيندو آهي ، برسات کان پوءِ هي جيڪي گهر ڏهي پت پوندا آهن ۽ وري پوءِ فصلن کي نقصان ٽيندا آهن ۽ ماڻهو بي گهر ٿي ويندا آهن ، انتظام اٿيورا هجڻ کارڻ هي جيڪو گندو پاڻي روڊن رستن تي ٻيهجي ويندو آهي ان تي بيماريون برسات جي ڪري ٽيون ٽين يا اهو برسات ته الزام آهي ان معاملي تي سندس ايجا ڪر جاري ۽ ساري آهي جنهن تي ان کان اڳ شايد ڪنهن به ڪم نه ڪيو هجي.

شاعرن ته برسات کي وڏي خوبصورت رنگن ۽ روڳن سان پيش ڪيو آهي، پر ڪڏهن ان برسات سان گڏ ان تباهي کي شامل نه ڪيو آهي جيڪا تباهي انتظامي غفلت جي ڪري ايندي آهي، شايد بلاول ايجا ٽائين شاعري جي بنياد تي اها ريسرچ ڪندو هجي ۽ ان نتيجي تي پهچي ته برسات کان پوءِ هي وادي جنت بڻجي ويندي آهي ۽ ماڻهو خوش ٻاش ٿي ويندا آهن ٽرپارڪر جي ان ڪارونجهر جي چوٽيءَ تي سورن جا ٽهرڪا هوندا آهن جيڪي چوٽيون هاڻ سنڌس ٿي جونڊيل نمائندن جي مهربانيون سان ڏاهي پت ٿي رهيون آهن. سنڌس ريسرچ ۾ اهو شامل نه هوندو ته برسات کان پوءِ پاڻي جي نيڪال لاءِ ڪير به ٽيندو آهي ۽ اهو پاڻي جيڪو گهٽي برسات کان پوءِ گهٽو آيندو هوندو ته ڪڏهن ڪڏهن ته ٽيندو آهي ۽ اهو پاڻي مٽان کان ايندو هوندو. اوهان کي جيڪي تڪ گهٽا آهن اوهان انهن جو جائزو برسات کان پوءِ ونو ، ان دوران جائزو وٺڻ نهايت غلط هوندو جڏهن اليڪشن ويجهو هجي ۽ اوهان جي پارٽي جي صحت لاءِ به ان ۾ ٿي پلو آهي ته اوهان جائزو برساتن دوران وٽي اچو ۽ ڏسو ته گهٽي برسات پوڻ کان پوءِ جيڪو پاڻي گهٽ ٿو ٻيهي اهو هو خدا جي خلق سان ڪهڙو حشر ٿو ڪري؟ برسات کان پوءِ اوهان کي اهو درد به محسوس ڪرڻو پوندو ته هڪ گهر جي جڏهن چت ڏماڪو ڏئي ڪري پٽ ٿي پٽجي وڃي ۽ ماءُ ڏي يا پٽ سوڌو حياتي وڃائي ٿي ويهي ته اهو درد ڪير محسوس ڪري؟ چا ان درد ۾ اوهان پاڻي پائيوار نه ٽيندا؟ جيڪڏهن اوهان ان درد ۾ پاڻي پائيوار نه ٽيندا ۽ ان نقصان جو ازالو نه ڪندا ته پوءِ اوهان ڪهڙي مرض جي دوا آهيو؟ هن وقت سنڌ جا شهر برسات جي پاڻي هيٺ آهن ۽ اوهان جي انتظامن جا پول کري پت ٿي پٽجي وڃي ۽ ماءُ ڏي يا پٽ سوڌو حياتي وڃائي ٿي ويهي ته اهو درد ڪير محسوس ڪري؟ چا ان درد ۾ اوهان پاڻي پائيوار نه ٽيندا؟ جيڪڏهن اوهان ان درد ۾ پاڻي پائيوار نه ٽيندا ۽ ان نقصان جو ازالو نه ڪندا ته پوءِ اوهان ڪهڙي مرض جي دوا آهيو؟ هن وقت سنڌ جا شهر برسات جي پاڻي هيٺ آهن ۽ اوهان جي انتظامن جا پول کري پيا آهن ۽ گهارن مٽان گهارا لڳڻ جي نتيجي ۾ انهن ماڻهن جا گهر به پاڻي هيٺ اڃي ويندا آهن جيڪي اڃا برسات جي پاڻي کي ئي منهن ناهن ڏئي سگهندا ته مٽان اوهان جي آبپاشي وارن جي ناهل وارو نمونو مٽن وچ جيان ڪڙڪو ڪندو آهي جيڪو عمل سنڌن ڪهن کي ته پوڙيندو آهي پر سندن چوپائي مال جو به ستيه ناس ڪري چڏيندو آهي ته رڳو ايترو گذر سفر جو ذريعو بڻيل آناج به لوڻهي ويندو آهي ۽ تيار فصل پٽ تباهه ٿي ويندا آهن.

برسات کان پوءِ اوهان جي سرڪار جو ڪم آهي ته انهن اين جي اوزين جي تلاشي ۽ ونو جيڪي ري هيبليٽيشن جي نالي تي ڪروڙين روپين جا فنڊ ڪائي ٿا وڃن ۽ اوهان انهن کي تنظيمن کي رجسٽرڊ ڪرڻ ۽ مدد گار هوندا آهيو هاڻي تلاشي سپني جي وڏڻ گهرجي ڏميوار هر ادارو آهي اوهان جي سرڪار جيڪڏهن حساب ڪتاب ڪنهن کان به نه رکندي ته پوءِ اوهان جي تلاشي نيب وٺندي ته هن صوبي جو حشر اوهان ڏسي چڪا آهيو جيڪي ڪراچي ۽ گندگي ٽينڪ کان پوءِ وفاق ڪنٽرول پيو سنيالي ته ان خوف ۾ اوهان جو سي ايم رات جو به ڪراچي جي ڪهتين ۽ ڪچرا ڪنڈي ۽ سيوريج جو سي ايم آهي. چا هو ڪراچي ڪي وفاق کان بچائڻ جي خوف ۾ ڏينهن رات ٽڪري پيو. چا هو تر جو سي ايم ناهي جيڪو تر هن وقت برسات جي بربادي کي منهن ڏئي رهيو آهي چا هو شهدادڪوٽ جو سي ايم ناهي جتي برسات جي راڳن تباهي آندي آهي چا هو ننگر پارڪر جو سي ايم ناهي جتان کان ووٽ ڪٽي هو ان ڪرسي تي پهتو آهي. چا هاڻي وفاق اهو بيان ڏي ته اسان تر ۾ مداخلت ڪنداسين جو تر ۾ برسات کان پوءِ تباهي آئي آهي تڏهن وڃي هواتي پهچي؟چا هاڻي هو هر ڪو وفاق جي پريشر ۾ اچڻ کان پوءِ ڪندا پوءِ وري چون ٿا ته وفاق آسان جي اختيارن ۾ مداخلت ٿو ڪري جيڪو عمل 18هين ترميم جي مڪمل پڇڙي آهي، اوهان جي افعالن کي ڏسي دل چوي ٿي ته ڪنهن اوڙي پاڙي جي ملڪ کي به چئون ته اهي اڃي مداخلت ڪن باقي اوهان ڪڏهن به عملي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، پوءِ ڪٿي برسات پوي يا سوناميو اچي يا وري ڪو وڏو زلزلو اچي، اوهان کي هن خدا جي خلق ته رحم نه ايندو ته وري اوهان کي خدا جو خوف آهي اوهان کي ۽ هن ڏرين جو ته خوف آهي هڪ نيب جو پيو وري وفاق جو.

***

تنقيد جي آڙ ۾ الزام تراشي ۽ تذليل کان پاسو ڪيو وڃي

عامر خان مهيسر

گذريل مهيني سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي هڪ نجي ٽي وي چينل جي پروگرام ڏوڙان بشير خان ارڏي ۽ بهادر پٽ بشير خان قريشي، ۽ جاگيردارن کي پيرن ۾ ڪري پوڻ جون ته پوءِ سنڌ جي عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ ٺاهيل پارٽي جي ليڊرن کي ڪوڙا الزام هڻندي ڪوڙ ڳالهايو هو، جنهن تي سنڌ جي سڀني قوم پرست ۽ ترقي پسند پارٽين ۽ تنظيمن جي ڪارڪنن ۽ عام ماڻهن ۾ سخت ناراضگي پيدا ٿي هئي ۽ سڀني پاران ان جي مذمت ڪئي وئي هئي، ان کان پوءِ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي جي خلاف احتجاجي مظاهرا ٿيا هئا ۽ سندس پتلا به ساڙيا ويا هئا، ان کان پوءِ ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ سندس پارٽي جي ڪارڪنن ۽ ليڊرن کي ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڪراچي پريس ڪلب جي سامهون به احتجاجي مظاهرا ڪيا هئا ۽ ڊاڪٽر قادر مگسي جي خلاف نعرا هڻندي

بقايا روزاني ايڪتا 01

حزب الله خاصخيلي ۽ پرويز علي خاصخيلي پاران ضلع جي ٻاڻڀ جتوئي خاندان پاران ڪين موتمار ڏمڪيون ملڻ خلاف احتجاج ڪرڻ بعد صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو آهي ته سندن تعلق پ پ سان آهي ۽ انهن 2015ع ۾ يوسي نوان جتوئي تي جتوئي خاندان خلاف بلدياتي چونڊن ۾ حصو ورتو جنهن بعد جتوئي خاندان جا ٻاڻڀ ماڻهو مصدق جتوئي، فهد ۽ تيمور جتوئي مٿن ڏمريل آهن. هنن چيو ته سياسي انتقام جي بنياد تي انهن سندن گهوٽ جي 14 سروي نمبر تي ڪائنا مٿائي ڪوڙيون انٽرين ڪرايون آهن جنهن خلاف هنن سول ڪورٽ سميت هاءِ ڪورٽ ۾ پڻ انهن ڪوڙين انٽرين خلاف ڪيس داخل ڪيا آهن جنهن تان هو ويڪ ڏمرجي پيا آهن ۽ انهن موتمار ڏمڪون ڏياري موڪلڻ آهن جنهن ڪري سندن زندگين کي سخت خطرو آهي چاڪاڻ ته جاٽايل ماڻهن جو واسطو علاقي جي ڏوهاري ماڻهن سان آهي. هنن چيڪ جسٽس سپريم ورس وارن کي اپيل ڪئي ته ڪين جاٽايل ٻاڻڀ ماڻهن کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا روزاني ايڪتا 02

پينشن نہ ملڻ خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڪالهه 25 ڊينهن احتجاج جاري رکيو. ان موقعي تي ارشاد علي، محمد اسلم عباسي، عاشق ڪمبراڻي ۽ ٻين چيو ته گذريل 5 مهينن کان ورڪ چارج ملازمن جون پگهارون بند ڪيون ويون آهن ۽ غريب رٽائرڊ ملازمن جي پينشن به بند ڪئي وئي آهي. جنهن سبب گهرن ۾ فاڪاقشي چائيل آهي. ٻچا ڪون ڪاتي رهيا آهن ۽ انهن جي تعليم به متاثر ٿي وئي آهي. هنن چيو ته اهڙي حالت ٿي وئي آهي جو خودڪشي ڪرڻ جهڙا ٿي ويا آهيون. هنن لاڪاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي ته جاٽايل معاملي جو نوٽيس وٺي ساڻن انصاف ڪيو وڃي.

بقايا روزاني ايڪتا 03

وڊيڪ ڪيس ظاهر ٿيو آهي، ڏيڍ مهيني اندر مريضن جو تعداد 17 ٿي ويو آهي. جوهي تعلقي جي گوٿ انين شاخ جو رهواسي نوجوان محمد بچل پٽ حضور بخش لغاري کي ڊينگي بخار جي تصديق ٿيڻ بعد سول اسپتال ڊاڊو ۾ داخل ڪيو ويو آهي، نوجوان جي وارثن ٻڌايو ته پورهيت ڪراچي ۾ جي هڪ فئڪٽري ۾ مزدوري ڪندڙ آهي، جنهن کي ڊينگي وائرس جي تصديق ٿيڻ بعد اسپتال داڊو ۾ داخل ڪرايو آهي جتي نوجوان جو علاج هلندڙ آهي.

بقايا روزاني ايڪتا 04

جا چاڙڻ ڪري پيا ته دڪان تي ويڙلن ۽ پاڇ پ ڄمي ويسي جڏهن ته دڪاندار معروف جانديو زخمي ٿي پيو جنهن کي دڪاندارن فورن سول اسپتال ۽ پهچائيو جتي زخمي کي ايمرجنسي وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته موبائيل مارڪيٽ دڪاندارن احتجاج ڪندي چيو ته ڪيترا سال گذرڻ جي باوجود مينوسپل ڪميٽي وارن دڪانن جي مرمت نه ڪرائي آهي جنهن ڪري دڪانن جي ڇت ڪمزور ٿي ويئي آهي ۽ ڇت ڪرڻ سبب اسان جو دڪاندار زخمي ٿي پيو آهي هنن مطالبو ڪيو ته جلد دڪانن جي مرمت ڪرايي وڃي.

بقايا روزاني ايڪتا 05

ساجاه ڊيڻ ۽ لطيف سائين جي ٽڪين جي سار سنڀال لاءِ آڳواڻن پاران خيرپور، جي مختلف علاقن احمد پور، رڻي بهارو صدر جون پٽيون ۽ ڪچي ۾ موجود لطيف سائينءَ جي ٽڪين جا دورا. آن موقعي تي پتائي جي پيغام تي منعقد ٿيل ڏار ڏار پروگرامن ۾ خطاب ڪندي فقير صاحب لطيفي فقير غلام حيدر شاهاڻي، فقير غلام اڪبر جوٽيجو، فقير سومر ملاح ۽ ٻين چيو ته پتائيءَ امن رواداري سهپ برداشت جو پيغام ڏنو آهي. اسان کي امن خوشحالي جي قيام لاءِ لطيفي پيغام جهر جهنگ پهچائڻو پوندو ۽ لطيف سائين جي ٽڪين مقدس ماڳ مڪانن جي سار سنڀال ڪرڻ

بقايا روزاني ايڪتا 06

هڪ ملازم پاران پاڻ کي باه ڏئي ساڙڻ جي ڪوشش، ميونسپل چيئرمين خلاف سخت نعريبازي ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ملازمن ٽائين ڪميٽي ڊورونارو جي گيٽ آڏيان ڊرٽو عبدالواحد ٻٽ مجيب الرحمان چانديو جي مٽان گهر جي ديوار اوچتو ڪري ٻڌي ، جنهن سبب هو ڏهڪي فوت ٿي ويو ، جنهن سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا روزاني ايڪتا 07

جو داوو ڪان پيار وبندڙ موٽر سائيڪل سوار کي پوپان زوردار ٽڪر ، نتيجي ۾ محمد ارشد قريشي ۽ سندس معصوم 6 سالا پٽ محمد عاشر سخت زخمي ٿي پيا ، زخمين کي نازڪ حالت ۾ نواب شاه جي اسپتال منتقل ڪيو ويو، زخمي نوجوان ڪامره فيڪٽري ۾ ملازمت ڪندو آهي ، موڪل تي گوٿ آيل هو

بقايا روزاني ايڪتا 08

مسلم ليگ فنڪشنل ضلع سانگهڙ جي آڳواڻ وزيرخان مري ۽ رئيس علي ڊنوخان مري عدالت 302 جي ڪيس مان بري ٿيڻ بعد صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جوڊري جمال الدين آرائين جي پٽ مسعود آرائين جي قتل ۾ سندن ڪي بي گناه ڪاسايو ويو هو سان ڪي سياسي انتقام جو نشانو بڻايو ويو هو سان تي الله پاڪ جا احسان آهن

بقايا روزاني ايڪتا 09

وٺ سندس موٽر سائيڪل ملواح شاخ ۾ تيز رفتاري سبب ڪري پئي جنهن سبب ڪيس زخم رسڻ جي نتيجي ۾ بيهوشي واري حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر قاضي احمد پهچايو ويو جتي هن زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو سندس جي اوچتي فوت ٿيڻ واري واقعي بعد سندس لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ماحول سوگوار ٿي ويو ٻڌايو پيو وڃي ته مذڪوره فوتي نوجوان موٽر سائيڪل تي سوار ٿي قاضي احمد شهر آڇي رهيو هو ته حادثي جو شڪارٿي ويو ،قاضي احمد اسپتال پهچايل نوجوان جي ڊاڪٽرن سندس جي فوت ٿيڻ جي تصديق بعد سندس جو مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا روزاني ايڪتا 10

جي الڪشن کي سڪر جي هاءِ ڪورٽ روڪي ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ ٻڌايو ويو وڃي ته علم دوست پينل جي تعلقي ڪميٽ جي صدر استاد محمد يوسف جڪڙ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ 16 01/2019 درخواست داخل ڪرائي هئي جنهن کي ڪورٽ ٻڌڻ جوگو قرار ڏينڊي آ اعلاميل مدي تاڻين چونڊون روڪڻ جو تعلقي ڪميٽ ۽ صوبيدير ۽ ضلعي خيرپور جي چيئرمينن کي نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪري ڇڏيو آهي

بقايا روزاني ايڪتا 11

ڪتن ڏاڙهي ماري ڇڏيو متاثر شخص تاڻين انتظاميا خلاف عدالت پهچي ويو ٿي ايم او ڪي عدالت طلب ڪري ورتو،خبر موجب ڊگهڙي شهر جي ميرجان محمد ڪالوڻي واسي مير پرويز عرف نويد ولد عطاالله تالپر سول جج ڊگهڙي جي عدالت ۾ درخواست ڏيندي موقف اختيار ڪيو آهي ته رولو ڪتن جو آزار وڌي ويڃ ڪري منهنجي مٽينهن جي قُر ڪي رولو ڪتن ڏاڙهي ماري وڌو آهي، درخواستگذار صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته رولو ڪتن جو آزار وڌي ويڃ ڪري پاڙي جي ڪيترن ٻئي ڀارن، عورتون ۽ مردن کي پڻ ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو آهي، درخواستگذار جي وڪيل درخواست تي ڪورٽ سڳوري ايندڙ آگاري 19 نومبر تي تاڻين ميونسپل آفيسر ڊگهڙي کي طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا روزاني ايڪتا 12

چانديو جو رهواسي 12 سالا ستين ڪلاس جو شاگرد عبدالواحد ٻٽ مجيب الرحمان چانديو جي مٽان گهر جي ديوار اوچتو ڪري پئي ، جنهن سبب هو ڊهڻي فوت ٿي ويو ، جنهن سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا روزاني ايڪتا 13

ڏاڙين جي آبادڪاري، نيشنل ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي ناهي ساحلي پٽي سميت ڪراچي تي قبضي، انتڪاپسندي، معصوم نياڻين جي قتلن، ڳاڻي توڙ مهانگائي ۽ بيروزگاري خلاف عوامي تحريڪ طرفان اعلاميل سڏ ٻڌايو ويندا، وسيلا ٻڌايو عوامي سڃاڻپ جي 15 نومبر تي جوئين مرحلي جي شروعات ڄامشوري کان ڪئي ويئي. سڃاڻپ مارچ جي آڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي آڳواڻن جي اين ڪوسي، نور احمد ڪاتيار، لال ڀرو، عارف جوٽيجو غلام رسول لغاري سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري سياڻي ڏاهري، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري، مرڪزي جنرل سيڪريٽري انور رند، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر پرديپ گلاب، سڃاڻ پار تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر علي محمد ڪوڪئي. ڏاهو پريس ڪلب آڇيان عوامي سڃاڻپ جي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ سجاد احمد چانڊيو چيو ته سٽيبلشمينٽ جمهوري عمل کي يرغمال ٻڌائي ملڪي عوام مٿان پنهنجا من پسند حڪمران مڙهيا آهن. جن کي عوام جي مفاد ڪان وڌي ڪمپني سرڪار جا مفاد وڌيڪ عزيز آهن. ملڪ جي وجود جي پهرين ڊينهن کان ولي قومن جو استحصال ڪري صومين جي وسيلن کي ڦريو ۽ لٽيو ويو آهي. ملڪ کي سڀ کان پيٽرول ۽ وڏو حصو روپنيو جو ڏيندڙ سنڌ کي موٽ ۽ ڀک، بيروزگاري، ڪرپشن، بيمارين ۽ بدحالي ڏنا ويا آهن. ٽريارڪر ۾ اعلاج نه ٽيڻ سبب معصوم ٻارڙا پنهنجي مائرن جي جهولين ۽ ٽڦي ٽڦي فوت ٿي وڃن ٿا. چتي ماڻهو ڪهرن ٽائين محدود ٿي ويا، جڏهن ته ڪتي جي ڏاڙهيل مريضن لاءِ اسپتالن ۾ ويڪسين موجود نه آهن. ڪوڙين روپين جي بجيٽ هجڻ باوجود سمورين سرڪاري اسپتالن جي مريضن لاءِ ڪوس گهر بڻايو ويو آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بي نظير ڀٽو جي ضلعي لاڙڪاڻي کي ايڊز جو مرڪز بڻايو ويو آهي. ايڊز جهڙي موضي مرض جي ور چڙهيل مريضن جو ڪو مناسب اعلاج نٿو ڪيو وڃي. هن چيو ته ملڪ جي اصل حڪمرانن کي سنڌ جا ماڻهو نٿا ڪپن پر سنڌ جي ڌرتي ڪپي ٿي، ايم ڪيو ايم جي جن ڏهڪندڙ ڪراچي ۾ خون ڊينهن وهايون انهن کي عمران خان جي ڪابينا ۾ وزير بڻايو ويو آهي، جيڪي بار بار سنڌ جي وهاڪي جو راڳ ڳائيون ٿا ۽ ملڪ جو وزير اعظم عمران خان انهن دهشتگردن لاءِ چوي ٿو ته اهي سڀني کان وڌيڪ نفيس آهن جيڪا شرمناڪ ڳالهه آهي. دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ دهشتگرد، قاتلن ۽ ڏوهارين کي وزير نه بڻايو ويندو آهي، پر پاڪستان دنيا جو واحد ملڪ آهي جنهن ۾ دهشتگردن کي اليڪشن ۾ چونڊرائي وزير بڻايو ويندو آهن. هن چيو ته جيڪو سنڌ وڙهائڻ جا مطالبا ڪري ها ڪنهن به صوبي يا ملڪ ۾ سنڌ جو سڃڻ نه آهي، سنڌ جو ڇوڙ ڇاڻ ۽ ڪوهستان جو ماڻهو سنڌ جي ڌرتي ماءُ جو تحفظ ڪندو. ايڊووڪيٽ سجاد احمد چانڊيو چيو ته ڪارونجهر جبل کي غيرقانوني طور تي ڪٽي ان جو پٿر ڪنيو پيو وڃي، ڪارونجهر جيڪو رويلي جي ڊرٽي ۽ سنڊ جي سڃاڻپ آهي ان کي پيپلز پارٽي جي حڪمرانن پنهنجي اقتداري ڪرسي خاطر نيلام ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته سنڌ کي ڇوٽ ڪرائيڻ لاءِ هڪ ٿي سگهڻ جي ضرورت آهي. سنڌين کي دائمي طور تي اقليت ۽ تبديل ڪرڻ لاءِ لکين ڌارين کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ جي سازش ڪئي ويئي آهي، پيپلز پارٽي ۽ پي ٽي آئي جا حڪمران اعلان پيا ڪن ته سنڌ ۾ غير قانوني رهندڙ افغانين، بهارين، بنگالين، برمين، هندستانين ۽ ٻين لکين ڌارين کي شناختي ڪارڊ ناهي ڏنا ويندا. پ پ ۽ پي ٽي آئي حڪمرانن جا هڪ ٻئي ڊينهن ۾ سياري جي برسات جو موسڪارو جاري رهيو جنهن ڪانپوءِ بجلي ۽ گئس بند ٿي ويون، جڏهن ته سارياڻي فصل کي نقصان جو خدشو پيدا ٿيو ويو آهي. غوثپور ۽ پرياسي وقفي وقفي سان برسات ڪانپوءِ ٽڏ وڏي وئي، هالي ڪاروبار متاثر ٿيو آهي، ٽڏ وڏن ڪانپوءِ ماڻهن گرم شين جو واهپو وڌائي ڇڏيو آهي. ڳوٺي خيرو، وارهه، ڳيرڻي پکو ۽ پرياسي وارن علاقن ۾ هي رات ۽ ٻئي ڏينهن به وقفي وقفي سان تيز هلڪي برسات جو سلسلو جاري آهي،برسات ڪانپوءِ ٽڏ وڏي وئي، بجلي ۽ مواصلاتي نظام ڊانوا ڊول ٿي ويو. فيصلن کي نقصان جو خدشو پيدا ٿيڻ سبب ڪاڇيلو ٻاڻي جوابدار ڪيترائي ڏينهن کان بجلي ۽ گئس بند ٿي ويون، جڏهن ته ساريلي فصل کي نقصان جو خدشو پيدا ٿيو ويو آهي. غوثپور ۽ پرياسي وقفي وقفي سان برسات ڪانپوءِ ٽڏ وڏي وئي، هالي ڪاروبار متاثر ٿيو آهي، ٽڏ وڏن ڪانپوءِ ماڻهن گرم شين جو واهپو وڌائي ڇڏيو آهي. ڳوٺي خيرو، وارهه، ڳيرڻي پکو ۽ پرياسي وارن علاقن ۾ هي رات ۽ ٻئي ڏينهن به وقفي وقفي سان تيز هلڪي برسات جو سلسلو جاري آهي،برسات ڪانپوءِ ٽڏ وڏي وئي، بجلي ۽ مواصلاتي نظام ڊانوا ڊول ٿي ويو. فيصلن کي نقصان جو خدشو پيدا ٿيڻ سبب ڪاڇيلو ٻاڻي جوابدار ڪيترائي ڏينهن کان بجلي ۽ گئس بند ٿي ويون، جڏهن ته سارياڻي فصل کي نقصان جو خدشو پيدا ٿيو ويو آهي. غوثپور ۽ پرياسي وقفي وقفي سان برسات ڪانپوءِ ٽڏ وڏي وئي، هالي ڪاروبار متاثر ٿيو آهي، ٽڏ وڏن ڪانپوءِ ماڻهن گرم شين جو واهپو وڌائي ڇڏيو آهي. ڳوٺي خيرو، وارهه، ڳيرڻي پکو ۽ پرياسي وارن علاقن ۾ هي رات ۽ ٻئي ڏينهن به وقفي وقفي سان تيز هلڪي برسات جو سلسلو جاري آهي،برسات ڪانپوءِ ٽڏ وڏي وئي، بجلي ۽ مواصلاتي نظام ڊانوا ڊول ٿي ويو. فيصلن کي نقصان جو خدشو پيدا ٿيڻ سبب ڪاڇيلو ٻاڻي جوابدار ڪيترائي ڏينهن کان بجلي ۽ گئس بند ٿي ويون، جڏهن ته سارياڻي فصل کي نقصان جو خدشو پيدا ٿيو ويو آهي. غوثپور ۽ پرياسي وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري رهيو آهي. بوزدار وڏا ۽ پرياسي وارن علاقن ۾ وقفي وقفي سان برسات پئي آهي، گجگوڙ سان پيل برسات انتظاميا جي پت واڪي ڪري ڇڏي آهي، رستن ۽ گهٽي تي گندو پاڻي ٻيهڻ سان گڏ گٽر نالا ٽٻلي پيا آهن. ڪوشش هوندي ته اتفاق راءِ پيدا ٿئي. جڏهن ته ڪراچي ۾ ٻئي ڏينهن به ٽينڙها ۽ گجگوڙ سان برسات جو سلسلو جاري آهي، برسات دوران گهر جي ڇت ڪرڻ سبب عورت مسمات مريم خاتون ۽ سندس 6 ورهين جي ڌيءَ شمائلا مگسي ڊهي فوت ٿي ويون، جڏهن ته سندس پٽ بلاول ۽ ڌيءَ زرينا زخمي ٿي پيا. جن کي لاڙڪاڻو اسپتال نيو وبو خانپور مهر ۽ پرياسي وارن علاقن ۾ وقفي وقفي سان برسات جاري آهي، گوٺ منڙي ۾ بجلي ۽ جو ڪرنٽ لڳڻ سبب نينگر پرويز انصاري فوت ٿي ويو. پيرگوٺ ۽ پرياسي ڪيترن ٻئي علاقن ڪان برسات جو سلسلو ٽيڻ بعد بس اسٽينڊ ۽ بازارن توڙي گهرن ۾ پاڻي ٻيهڻ جي ڪري ڪاروبار مڪمل طور بند ٿي ويئي، جڏهن ته گوٺ خان محمد موهل ۽ رڄ ڪرڻ سبب 2 مينهون مري ويون. چيلهار ۾ رات ڪان اڄ ٻئي ڏينهن تائين به برسات جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري رهيو ۽ رڄ ڪرڻ جا وڊيڪ واقعا به پيش آيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت ڪانهون زال ڪرشن پيل زخمي ٿي پئي، جڏهن ته وڊيڪ 16 ٻڪرين ۽ هڪ اٺ به مري ويو هوڏانهن تندو ستي، هگورجا، سڪيون ۽ پرياسي وارن علاقن ۾ ٻئي ڏينهن به گجگوڙ ۽ تيز هوا سان برسات پئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ وڻن ڪڪ، ڪٻه ۽ ڪمند جي فصلن کي نقصان پهتو آهي، جنهن ڪانپوءِ آباد ڪاندگار جا به مٽي تي هٽ اڇي ويا. ناري تعلقي جي چوندڪو تجل، ڪينهواري ۽ ٻين علاقن ۾ وقفي وقفي سان برسات ڪانپوءِ ٽڏ ۽ اضافو ٿي ويو آهي، جڏهن ته بجلي ۽ مواصلاتي نظام ڊانوا ڊول ٿيڻ سبب ماڻهن کي پريشانين جو منهن ڏسڻو پيو آهي. سکر، پنو عاقل، روهڙي، ڪنڊرا ۽ ڀاڳوڄي ۽ به ٻئي ۽ ڏينهن به وقفي وقفي سان برسات جاري رهڻ ڪانپوءِ عام زندگي مفلوج ٻڌجي وئي آهي، ٽڏ وڏي وڃڻ سبب ماڻهو ڪهرن ٽائين محدود ٿي ويا، جڏهن ته ڪتي جي ڏاڙهيل مريضن لاءِ اسپتالن ۾ ويڪسين موجود نه آهن. ڪوڙين روپين جي بجيٽ هجڻ باوجود سمورين سرڪاري اسپتالن ۾ ڪوس گهر بڻايو ويو آهي، جيڪي بار بار سنڌ جي وهاڪي جو راڳ ڳائيون ٿا ۽ ملڪ جو وزير اعظم عمران خان انهن دهشتگردن لاءِ چوي ٿو ته اهي سڀني کان وڌيڪ نفيس آهن جيڪا شرمناڪ ڳالهه آهي. دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ دهشتگردن، قاتلن ۽ ڏوهارين کي وزير نه بڻايو ويندو آهي، پر پاڪستان دنيا جو واحد ملڪ آهي جنهن ۾ دهشتگردن کي اليڪشن ۾ چونڊرائي وزير بڻايو ويندو آهن. هن چيو ته جيڪو سنڌ وڙهائڻ جا مطالبا ڪري ها ڪنهن به صوبي يا ملڪ ۾ سنڌ جو سڃڻ نه آهي، سنڌ جو ڇوڙ ڇاڻ ۽ ڪوهستان جو ماڻهو سنڌ جي ڌرتي ماءُ جو تحفظ ڪندو. ايڊووڪيٽ سجاد احمد چانڊيو چيو ته ڪارونجهر جبل کي غيرقانوني طور تي ڪٽي ان جو پٿر ڪنيو پيو وڃي، ڪارونجهر جيڪو رويلي جي ڊرٽي ۽ سنڊ جي سڃاڻپ آهي ان کي پيپلز پارٽي جي حڪمرانن پنهنجي اقتداري ڪرسي خاطر نيلام ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته سنڌ کي ڇوٽ ڪرائيڻ لاءِ هڪ ٿي سگهڻ جي ضرورت آهي. سنڌين کي دائمي طور تي اقليت ۽ تبديل ڪرڻ لاءِ لکين ڌارين کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ جي سازش ڪئي ويئي آهي، پيپلز پارٽي ۽ پي ٽي آئي جا حڪمران پنهنجي ڇوٽ بخشل خان ڏاڙهي ماري وڌو آهي، درخواستگذار صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته رولو ڪتن جو آزار وڌي ويڃ ڪري پاڙي جي ڪيترن ٻئي ڀارن، عورتون ۽ مردن کي پڻ ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو آهي، درخواستگذار جي وڪيل درخواست تي ڪورٽ سڳوري ايندڙ آگاري 19 نومبر تي تاڻين ميونسپل آفيسر ڊگهڙي کي طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا روزاني ايڪتا 14

سميت پريس ڪلب خيرپور پهچي ڌاهنيندي چيو ته آهي 6 سال اڳ علاقي جي ٻاڻ غلام عباس چانڊيو پيا ۽ هٿيار بند ضمير ڏاڻي بخش پاڳيل قمبر چانڊيو ساڻ ڪري اسان جي گهرن مٿان فائرنگ ڪري مونکي هٿياران ڪيو زور تي اغوا ڪري ويا هٿا جنهن ڪانپوءِ جوابدار غلام عباس چانڊيو مونکي بنس نڪاح جي گهر ۾ قيد بٺائي مونسان زيادتي ڪندو رهيو ۽ مونکي ڪڍن شهدادڪوٽ جاڪير ۽ ٻين علاقن ۾ لڪائيندو رهيو جڏهن غلام عباس مان مونکي تن هارن جي اولاد به ٽي آهي به پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي جيڪا ناجائز اولاد آهي هن وڊيڪ ڌاهنيندي چيو ته جاٽايل جوابدارن ڪجه ڏينهن اڳ مونکي پنهنجي ڳوٺ بخشل خان بلهاڙي وٺي آيا جتي مونکي موقعو ملي مون پنهنجي ماءُ ۽ ڀاڻ وڊيل خاتون ڏانهن ميسج ڪرايو ته مان هن ڳوٺ ۾ قيد آهيان جنهن ڪنب ٽاٽي جي پوليس کي اطلاع ڏني مونکي آزاد ڪرايو جنهن کان پوءِ وري پوليس مونکي گم ڪري وارثن سان ملاقات نه ڪرڻ نه ڏني ۽ منهنجي ماءُ خيرپور جي عدالت سڳوري ۾ درخواست ڏني اهڙو اطلاع ڏنوجنهن چاپوهٽي مونکي خيرپور جي عدالت ۾ پيش ڪيو جتي مون اهڙو بيان رڪارڊ ڪرايو جنهن ڪانپوءِ پوءِ خيرپور جي عدالت مونکي منهنجي رضا خوشيءَ سان پنهنجي ماءُ گڏ سان رهڻ جي اجازت ڏني آهي پنهنجي مائٽن جو هڪ حق آهي ته آها پنهنجو نقطئ نظر بيان ڪري. اجلاس دوران اعظم سواڻي 7 نومبر تي منظور ٽيل آرڊيننسز ۾ بل واپس وٺڻ جو اعلان ڪيو هو ڏينهن 7 نومبر تي پيش ڪيل پاڪستان ميڊيڪل ڪميشن 2019ع تي ايندڙ اجلاس ۾ بحث ٽيندو، ڪوشش هوندي ته اتفاق راءِ پيدا ٿئي. جڏهن ته ڪراچي ۾ ٻئي ڏينهن به ٻيهر اسيمبلي وپ سيڪريٽريٽ ۾ پاڻي ٻيهڻ جي ڪري ڪاروبار متاثر ٿيو آهي. ڪراچي جي ڏهڪندڙ ڪراچي ۾ خون ڊينهن وهايون انهن کي عمران خان جو ڪابينا ۾ وزير بڻايو ويو آهي، جيڪي بار بار سنڌ جي وهاڪي جو راڳ ڳائيون ٿا ۽ ملڪ جو وزير اعظم عمران خان انهن دهشتگردن لاءِ چوي ٿو ته اهي سڀني کان وڌيڪ نفيس آهن جيڪا شرمناڪ ڳالهه آهي. دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ دهشتگردن، قاتلن ۽ ڏوهارين کي وزير نه بڻايو ويندو آهي، پر پاڪستان دنيا جو واحد ملڪ آهي جنهن ۾ دهشتگردن کي اليڪشن ۾ چونڊرائي وزير بڻايو ويندو آهن. هن چيو ته جيڪو سنڌ وڙهائڻ جا مطالبا ڪري ها ڪنهن به صوبي يا ملڪ ۾ سنڌ جو سڃڻ نه آهي، سنڌ جو ڇوڙ ڇاڻ ۽ ڪوهستان جو ماڻهو سنڌ جي ڌرتي ماءُ جو تحفظ ڪندو. ايڊووڪيٽ سجاد احمد چانڊيو چيو ته ڪارونجهر جبل کي غيرقانوني طور تي ڪٽي ان جو پٿر ڪنيو پيو وڃي، ڪارونجهر جيڪو رويلي جي ڊرٽي ۽ سنڊ جي سڃاڻپ آهي ان کي پيپلز پارٽي جي حڪمرانن پنهنجي اقتداري ڪرسي خاطر نيلام ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته سنڌ کي ڇوٽ ڪرائيڻ لاءِ هڪ ٿي سگهڻ جي ضرورت آهي. سنڌين کي دائمي طور تي اقليت ۽ تبديل ڪرڻ لاءِ لکين ڌارين کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ جي سازش ڪئي ويئي آهي، پيپلز پارٽي ۽ پي ٽي آئي جا حڪمران پنهنجي ڇوٽ بخشل خان ڏاڙهي ماري وڌو آهي، درخواستگذار صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته رولو ڪتن جو آزار وڌي ويڃ ڪري پاڙي جي ڪيترن ٻئي ڀارن، عورتون ۽ مردن کي پڻ ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو آهي، درخواستگذار جي وڪيل درخواست تي ڪورٽ سڳوري ايندڙ آگاري 19 نومبر تي تاڻين ميونسپل آفيسر ڊگهڙي کي طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا روزاني ايڪتا 15

مقصود رند جي ڳوٺن حاجي رند محراب رندجيڏنو رند پيڙو خان دائود ڪيريو سميت 8 ڳوٺن ڏانهن بجلي جون بقاياجات جاٽائي بجلي جا ترانسفارمر لاهي کڻي ويا

بقايا روزاني ايڪتا 16

قيصر جي صدارت هيٺ قومي اسيمبلي جي اجلاس دوران نواز ليڪ آڳواڻ خواجه آصف اپوزيشن طرفان ڏيڻي اسپيڪر قاسم سوري خلاف بي اعتماد رٽ واپس وٺڻ جو اعلان ڪيو سندس چوڻ هو ته حڪومت 7 نومبر تي منظور ٽيل 9 آرڊيننسز واپس وٺندي، آهي واڳيل ڪميٽيز ڏانهن صلاح مشورن لاءِ موڪليا ويندا، هاڻي اپوزيشن طرفان ڏيڻي اسپيڪر خلاف جيڪا بي اعتمادي رٽ آندي وئي هئي، هاڻي اپوزيشن اتفاق راءِ سان رٽ واپس وٺڻ لاءِ تيار آهي. هن ايوان ۾ گهاڻهائيندي چيو ته جيترن بلز يا آرڊيننسز تي اختلاف هو اڄ آهي واپس وٺڻ تي اتفاق ٽيو آهي ته اپوزيشن به ڏيڻي اسپيڪر قاسم سوري خلاف خلاف بي اعتمادي رٽ واپس وٺندي. اجلاس دوران گهاڻهائيندي پي ٽي آءِ ايم اين اي اسد عمر چيو ته هو اسپيڪر ۽ ڏيڻي اسپيڪر جي عهدن کي تڪراري ٽڪا ٻڌائڻ گهرن، جنهن نظرئي تي ووٽ وٺي آيا آهن. اُن تان هڪ انڇ به پوئتي نه هٽيو آهي، اپوزيشن جو به حق آهي ته آها پنهنجو نقطئ نظر بيان ڪري. اجلاس دوران اعظم سواڻي 7 نومبر تي منظور ٽيل آرڊيننسز جا بل واپس وٺڻ جو اعلان ڪيو هو ڏينهن 7 نومبر تي پيش ڪيل پاڪستان ميڊيڪل ڪميشن 2019ع تي ايندڙ اجلاس ۾ بحث ٽيندو، ڪوشش هوندي ته اتفاق راءِ پيدا ٿئي. جڏهن ته ڪراچي ۾ ٻئي ڏينهن به ٻيهر اسيمبلي وپ سيڪريٽريٽ ۾ پاڻي ٻيهڻ جي ڪري ڪاروبار متاثر ٿيو آهي. ڪراچي جي دهشتگردن کي ڪراچي ۾ خون ڊينهن وهايون انهن کي عمران خان جو ڪابينا ۾ وزير بڻايو ويو آهي، جيڪي بار بار سنڌ جي وهاڪي جو راڳ ڳائيون ٿا ۽ ملڪ جو وزير اعظم عمران خان انهن دهشتگردن لاءِ چوي ٿو ته اهي سڀني کان وڌيڪ نفيس آهن جيڪا شرمناڪ ڳالهه آهي. دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ دهشتگردن، قاتلن ۽ ڏوهارين کي وزير نه بڻايو ويندو آهي، پر پاڪستان دنيا جو واحد ملڪ آهي جنهن ۾ دهشتگردن کي اليڪشن ۾ چونڊرائي وزير بڻايو ويندو آهن. هن چيو ته جيڪو سنڌ وڙهائڻ جا مطالبا ڪري ها ڪنهن به صوبي يا ملڪ ۾ سنڌ جو سڃڻ نه آهي، سنڌ جو ڇوڙ ڇاڻ ۽ ڪوهستان جو ماڻهو سنڌ جي ڌرتي ماءُ جو تحفظ ڪندو. ايڊووڪيٽ سجاد احمد چانڊيو چيو ته ڪارونجهر جبل کي غيرقانوني طور تي ڪٽي ان جو پٿر ڪنيو پيو وڃي، ڪارونجهر جيڪو رويلي جي ڊرٽي ۽ سنڊ جي سڃاڻپ آهي ان کي پيپلز پارٽي جي حڪمرانن پنهنجي اقتداري ڪرسي خاطر نيلام ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته سنڌ کي ڇوٽ ڪرائيڻ لاءِ هڪ ٿي سگهڻ جي ضرورت آهي. سنڌين کي دائمي طور تي اقليت ۽ تبديل ڪرڻ لاءِ لکين ڌارين کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ جي سازش ڪئي ويئي آهي، پيپلز پارٽي ۽ پي ٽي آئي جا حڪمران پنهنجي ڇوٽ بخشل خان ڏاڙهي ماري وڌو آهي، درخواستگذار صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته رولو ڪتن جو آزار وڌي ويڃ ڪري پاڙي جي ڪيترن ٻئي ڀارن، عورتون ۽ مردن کي پڻ ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو آهي، درخواستگذار جي وڪيل درخواست تي ڪورٽ سڳوري ايندڙ آگاري 19 نومبر تي تاڻين ميونسپل آفيسر ڊگهڙي کي طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا روزاني ايڪتا 17

ڪري ڇڏي. ڪراچي جي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پ پ جي اڳواڻ خورشيد شاهه جي آمدني کان وڌيڪ ملڪيت ٽاهڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٽي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٽرانسپورٽ واري سوسائٽي ميڊيا تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي وئي. اڌينمنٽي بانڊ ۾ اها رقم گهري وئي آهي جيڪو عدالت ڏنڊ لاڳو ڪيو هن چيو ته نواز شريف سميت ڪو به قانون کان مٿاهون ناهي. پاڪستان ۾ سڀني جي لاءِ هڪجهڙو قانون آهي. ڪابينا نواز شريف کي هڪ دفعو باهر وڃڻ جي اجازت ڏني. حڪومت جي طرفان شرط رکڻ غيرقانوني ناهي. هن چيو ته نواز شريف کي تحريڪ انصاف نه عدالتن جرمانو ڪيو آهي. هو واپس نه آيو نه عدالت ۽ ان جون همنوا جماعتون ان حساس معاملي تي سياست ڪري رهيون آهن جيڪو سراسر غير اخلاقي ۽ غير انساني رويو آهي.

بقايا روزاني ايڪتا 18

اُن

عوامي تحريڪ جو سنڌ بچاءِ، وسيلا بچاءِ سجاڳي مارچ دادو پهتو، شاندار آڇيان، گل نچاور

جي اين ڪوسو، نور احمد ڪاتيار، لال جروار، عارف جوٽيجو، صپاني ڏاهري جي اڳواڻي ۾ جامشورو مان نڪتل قافلو دادو پهتو

سجاڳي مارچ جي شهر ۾ داخل ٿيڻ تي اڳواڻن ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي ڪارڪنن جي نعرن سان آڇيان

قافلي ۾ سوين ماڻهو شريڪ، ڪراچي تي قبضي، انتهاپسندي، معصوم نياڻين جي قتلن خلاف زوردار نعرا

ملڪ جي اصل حڪمرانن کي سنڌ جا ماڻهو نڪا ڪپن پر سنڌ جي ڌرتي ڪپي ٿي: سجاد احمد چانڊيو ۽ ٻين جو خطاب

دادو (رپورٽ: نصير شيخ) سنڌ جي ورهاڱي جي سازش، سنڌو درياهه تي ڊيم، ڪينال ۽ سنڌ بئراج ناهي سنڌ جي پاڻي تي ڊاڪو، بحريا ٽائون، ذوالفقار آباد، ڊي ايڇ اي ۽ ٻين رهائشي اسڪيمن جي نالي ۾ سنڌ تي قبضي. /ڈسو صفحو 3 بقايا نمبر 13

دادو: عوامي تحريڪ پاران نڪتل سنڌ بچاءِ، وسيلا بچاءِ سجاڳي مارچ جو ڏيک.

قاضي احمد ويجهو موٽر سائيڪل شاخ ۾ ڪري پئي، نوجوان فوت

ڳوٺ لاکات واسي رياض جتوئي ملواح شاخ ۾ تيز رفتاري سبب ڪري پيو

حادثي جي نتيجي ۾ زخمي ، اسپتال ۾ زخمن جا سور نہ سهندي فوت

قاضي احمد (ن ايڪتا) قاضي احمد جي ڳوٺ لاکات جو رهواسي نوجوان 18 ورهين جو موٽر سائيڪل سوار رياض جتوئي لاکات موري /ڈسو صفحو 3 بقايا نمبر 09

اسان کي بي گناهه ڪيس ۾ قاسايو ويو، ڪورٽ باعزت بري ڪيو: ن ليگ اڳواڻ وزيرخان مري

جهول (ن ايڪتا) اسان کي بي گناهه ڪيس ۾ قاسايو ويو هو الله سائين انصاف ڪيو عدالت باعزت بري ڪري ڇڏيو اظهار /ڈسو صفحو 3 بقايا نمبر 08

ڏورو نارو ميونسپل ملازمن پاران پگهارون نہ ملڻ خلاف احتجاج، هڪ ملازم پاران ساڙڻ جي ڪوشش

گذريل مهيني جون پگهارون نہ ملڻ خلاف ملازمن ٻئي ڏينهن ٻه روڊ بند ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي احتجاج ڪيو

متاثرن پاران ميونسپل چيئرمين خلاف سخت نعربازي، آفيس جي گيٽ اڳيان ڌرٽو هٽي تالا هٽي ڇڏيا

احتجاج دوران هڪ ملازم پاڻ کي باهه ڏئي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سندس ساٿين روڪي زندگي بچائي ورتي

16 ڏينهن گذري ويا آهن، پگهار نہ ٿي ملي، ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن، جيستائين حق نہ ٿو ملي احتجاج جاري رهندو: چتاءِ

عمرڪوٽ (ڊر) ڏورونارو ٽائون ڪميٽي جي 65 ملازمن جي ميونسپل ڪميٽي عمرڪوٽ پاران گذريل مهيني جون پگهارون نہ ٽيڻ ڪري بي ڏينهن ٻه ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين خلاف روڊ بند ڪري ٽائرن کي باهيون /ڈسو صفحو 3 بقايا نمبر 06

سول اسپتال دادو ۾ ڊينگي جو هڪ ٻيو ڪيس ٽاهر، مريض جوانگ 17 ٿي ويو

جوهي جي ڳوٺ اٽين شاخ واسي محمد بچل لغاري ڊينگي مرض ۾ مبتلا

پورهيت ڪراچي ۾ هڪ فئڪٽري ۾ مزدوري ڪندو هو: وارثن جون ڳالهيون

دادو: ڊينگي ۾ مبتلا نوجوان اسپتال ۾ داخل آهي.

دادو (ڊر) سول اسپتال دادو ۾ ڊينگو بخار جو هڪ ٻيو /ڈسو صفحو 3 بقايا نمبر 03

حيدرآباد ڊيولمينٽ اٿارٽي ورڪرز پاران پگهارون نہ ملڻ خلاف پريس ڪلب سامهون 25 ڏينهن ٻه احتجاج

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) حيدرآباد ڊيولمينٽ اٿارٽي (ايڇ ڊي اي) مهراڻ يونين ورڪرز پاران پگهارون ۽ /ڈسو صفحو 3 بقايا نمبر 02

شڪارپور: محمد ياسين مهر) لکي غلام شاهه لڳ ڳوٺ ٻڌ چيمن مهر ۾ زمين جي پراڻي تڪرار تان مهر برادري جي امام بخش مهر ۽ منور مهر جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو هلندڙ، رات ديرسان امام بخش مهر جي ڌرجو 1 پيرسن/ڈسو صفحو 2 بقايا نمبر 01

قاضي احمد: جشن عيد ميلاد النبي ص ۽ جشن امام جعفر صادق ع حوالي سان نڪتل ريلي.

ڳڙهي ياسين ويجهو ڪارنهن جو جرڳو، ڏوهي ڌرتي 5 لک ڏنڊ مقرر

ڳوٺ حبيب جڪرو ۾ شفقت حسين منگراڻي جي سرپئنچي هيٺ جرڳو ڪيو ويو

منور ميمڻ جي ڌرمڻان ڪارنهن الزام ثابت، مٽس 5 لک ڏنڊ وڏو ويو، ڌرين کير ڪنڊ

ڳڙهي ياسين (ن ايڪتا) ڳڙهي ياسين ۾ ڪنهر ۽ ميمڻ ڌرين ۾ هلندڙ ڪارنهن تڪرار جو سردار شفقت حسين منگراڻي جي سرپئنچي /ڈسو صفحو 2 بقايا نمبر 20

ڪڙ لڳ گهر جي پٽ ڪرڻ سبب معصوم نينگر ڏهجي فوت

ڪڙ (ن ايڪتا) ڪڙ لڳ ڳوٺ گل محمد /ڈسو صفحو 3 بقايا نمبر 12

ڏگهڙي ۾ رولو ڪتن مينهن جي قرڪي چڪ هٽي ماري ڇڏيو

ڏگهڙي (ن ايڪتا) ڏگهڙي واسي جي مينهن جوڙ رولو /ڈسو صفحو 3 بقايا نمبر 11

گمبٽ ۽ سرويديرو تعلقن ۾ ٽينڊڙ گستا ايلڪشن هاءِ ڪورٽ جي منع نامي بعد ملتوي

گمبٽ (ن ايڪتا) تعلقي گمبٽ ۽ صوپوديرو ديرو ۾ 17 نومبر تي ٽينڊڙ استادن جي تنظيم گستا /ڈسو صفحو 3 بقايا نمبر 10

ڪڙ لڳ تيز رفتار ڪوسٽر جو موٽر سائيڪل ڪي ٽڪر، معصوم پار سميت 2 ڄڻا زخمي

ڪڙ (ن ايڪتا) ڪڙ لڳ فلجي استيشن جي ڳوٺ الله آباد وٽ تيز رفتار ڪوسٽر /ڈسو صفحو 3 بقايا نمبر 07

حيدر آباد ۾ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

پنجاري جي رهواسين عورت صائما ۽ ٻين پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو

ناحق گرفتار ٽيل ٻن عورتن کي آزاد ڪرائي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي: مظاهرو ڪنڊڙ

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) حيدرآباد جي پنجاري تاڻي پاران هڪ ڏينهن اڳ مين پوري وڪرو ڪرڻ جي الزام هيٺ گرفتار ٻن عورتن جي وارثن /ڈسو صفحو 2 بقايا نمبر 21

خانپور ويجهو ايڪتا ڏاڙو ملهائڻ لاءِ سگهڙ ڪچهري، فنڪارن پاران ڪلام پيش

ڳوٺ حيدرخان پهوڙ ۾ ايڪتا ميڊيا گروپ جي سڏ جي آڇيان ڪئي وئي

راڄي غني پهوڙ، هدايت سومرو، سگهڙ حاڪم علي ۽ ٻين پاران ڪلام پيش مظاهرو

خانپور (ن ايڪتا) خانپور لڳ ڳوٺ حيدرخان پهوڙ ۾ محمد اسماعيل پهوڙ طرفان ايڪتا تي وي جي سڏ جي آڇيان ڪندي امن محبت /ڈسو صفحو 2 بقايا نمبر 22

ٽل ۾ پوليس پاران زمين جو ڪم بند ڪرائڻ خلاف ڪوسا برادري جو ڌرٽو

ٽل (ن ايڪتا) ٽل پرسان ڪريم بخش ڪوسو ٽاڻي جي حد ڳوٺ نور محمد ڪوسو ۾ پوليس پاران زبردستي زمين جو ڪم بند ڪرايو ويو آهي.اهڙي /ڈسو صفحو 2 بقايا نمبر 23

ٽل: پوليس پاران زمين جو ڪم بند ڪرائڻ خلاف ڳوٺائا احتجاج ڪري رهيا آهن.

دادو ۾ رڪشا ۽ گڏهه گاڏي ۾ ٽڪر، پورهيت جي هڪ اک ضايع

نوراڻي چوڪ وٽ حادثي جي نتيجي ۾ پنهل پنهور جي ساڃي پاسي جي اک نڪري پئي

زخمي نوجوان کي علاج لاءِ سول اسپتال آندو ويو، ڊاڪٽرن پاران ڪراچي ريفر جي صلاح

دادو (ڊر) شهر جي نوراڻي چوڪ وٽ لوڊر رڪشه ۽ گڏهه گاڏي ۾ ٽڪر ٽيڻ جي نتيجي ۾ رازڪو ڪم ڪنڊڙ پورهيت نوجوان پنهل پٽ خان /ڈسو صفحو 2 بقايا نمبر 24

آصف زرداري، فريال تالپر، خورشيد شاهه جي گرفتاري خلاف سڪرنڊ ۾ ريلي

پ پ ضلعي نواب شاهه پاران علي اڪبر جمالي، غلام شاهه لغاري جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ايان جي اڳواڻن کي سياسي دشمني تحت گرفتار ڪيو ويو آهي، جنهن جي مذمت ڪيون ٿا: اڳواڻ

سڪرنڊ (ن ايڪتا) نيب پاران گرفتاري صدر آصف زرداري، فريال تالپر، خورشيد شاهه جي گرفتاري خلاف سڪرنڊ ۾ پ پ پاران علي اڪبر جمالي، /ڈسو صفحو 2 بقايا نمبر 25

شاهه لطيف ۾ پوليس جي ڪارروائي، گهر پٽ، مزاحمت، لٽباري، ڪيترائي زخمي

پوليس جي لٽ باڄي دوران ٻه عورتون مرٽينگ، مڇريل ماڻهن پاران روڊ بلاڪ

مظاهرو ڪنڊڙ ۽ رينجرز ۾ ڳالهيون، انصاف جي يقين تي احتجاج ختم ڪيو ويو

ملير (ڊر) شاهه لطيف ۾ ريلوي پوليس ڪارروائي ڪري غير قانوني جاٽايل ڪيترائي گهر پٽ ڪري ڇڏيا آهن. ڪارروائي /ڈسو صفحو 2 بقايا نمبر 26

ميمڻ ڳوٺ ويجهو هٿيار بندن جي گهر ڪي باهه، مزاحمت تي فرار، متاثرن جو احتجاج

عثمان خاصخيلي ڳوٺ ۾ جوابدارن ڪير برادري جي گهرن تي ڪاهه ڪري گهرن ڪي باهه ڏني

متاثرن جو شديد ڳوٺ جي روڊ تي ڌرٽو، جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف جي گهر

ملير (ڊر) ڪالهه صبح جو سوير ميمڻ ڳوٺ لڳ شاهه لطيف ٽائي جي حد ۾ آباد عثمان خاصخيلي ڳوٺ ۾ ڪيرا برادري جي گهرن تي اوچتو 5 /ڈسو صفحو 2 بقايا نمبر 27

ميمڻ ڳوٺ: گهر ڪي باهه ڏيڻ خلاف متاثر احتجاج ڪري رهيا آهن.

لاڙڪاڻي ويجهو برسات جو پاڻي نيڪال نہ ڪرڻ تان جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ جلاب جتوئي ۾ برساتي پاڻي جي معاملي تان جتوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو /ڈسو صفحو 2 بقايا نمبر 28

اوهان جو ستارو ڇا ٿو چئي؟

برج حمل 21 مارچ-20 اپريل
پنهنجي گهريلو خرچن تي ضابطو آڻي مالي بدحالي کان پاڻ بچايو. نوڪري تي پاڙيندڙ ماڻهن لاءِ اڇو ڪو ڏينهن وڌيڪ پريشانيون ڪٽي اڇي پيو.

برج ثور 21 اپريل-21 مئي
بزرگ گهر جا اهڙا نڪهان آهن، جن جي مزاج ۾ پلاڻي شامل هجڻ ڪري گهر ۾ خوشحالي اينديءِ آهي، اوهان خوشنصيب آهيو جو گهر جنت جو ٽڪرو آهي.

برج جوزا 22 مئي-21 جون
محبت جي حوالي سان قسمت ساڻ ڏئي رهي آهي، پر زال اوهان تي نظر رکي پئي، هوشيار رهو اوهان ۽ نگراني واري زندگي مان تمام گهٽو خوش آهيو.

برج سرطان 22 جون-23 جولاءِ
آفيس جي ماحول ۾ پيدا ٽيل چڪتاڻ پاڻمرادو بهتر ٿي ويندي ۽ ان تي اوهان کي حيرت ٻ ٿي رهي آهي، سچ اهيو آهي تہ اوهان باصلاحيت آهيو.

برج اسد 24 جولاءِ-23 آگسٽ
ڪجهه سال اڳ هڪ دوست ۽ توهان گڏجي ڪاروبار ۾ سيڙپ ڪئي هئي، پر اهو دوست دوکو ڏئي رهيو آهي، تنهنڪري مالي پريشاني پيدا ٽيندي.

برج سنبلا 24 آگسٽ-23 سيپٽمبر
آفيس ۽ ڪاروبار ۾ جنهن قسم جي پريشاني هلي پئي، ان تي صبر ڪيو شام جي وقت هڪ پراڻو باس گهر اچي اوهان کي پريشانين مان آجو ڪندو.

برج ميزان 24 سيپٽمبر-23 اڪٽوبر
پاڻرن جي گهر ۾ جيڪ نااتفاقي هلي رهي هئي، ان کي رات جي وقت ڪجهه ويجها مائٽ اوهان جي گهر اچي حل ڪري ڇڏيندا، پريشان ٽيڻ جي ڳالهه ناهي.

برج عقرب 24 اڪٽوبر-22 نومبر
ڪجهه ماڻهن مائٽن ڪي ورغلايو آهي، پر ناڪام ٽيندا، توهان جي لاءِ سلي ڳالهه اهيا آهي تہ جيڪو به ڪم ڪيو تا ان مان گهروارن کي خوشي ٽيندي آهي.

برج قوس 23 نومبر-21 دسمبر
اوهان جي ڪم جي معيار کي ڏسي باس ڏاڍو خوش آهي، پر آفيس جا ڪجهه ماڻهو ان ڳالهه تي خوش ناهن. اهي سازش ٿي رهيا آهن. محتاط رهجو.

برج جدي 22 دسمبر-20 جنوري
توهان تمام گهڻا محنتي آهيو تنهنڪري جيڪو به ڪم ڪيو تا ان ۾ فائدو ٿي ٽيندو. گهر جو هڪ مسئلو گهر جا ماڻهو ٿي حل ڪري ڇڏيندا.

برج دلو 21 جنوري-19 فيبروري
ملازمت ڪندڙ ماڻهن جا جيڪي به مسئلا آهن اهي حل ٽيڻ لاءِ اڇپرائي ٽيندي، آفيس جو سربراهه هڪ ڪم ٽيڻ سبب خوشي ۾ بونس ڏيندو.

برج حوت 20 فيبروري-20 مارچ
ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهن کي سندن پاڻ ساڻ ڏئي رهيو آهي، هڪ ٻڌي ويل رقم ملڻ سان وڌيڪ ترقي ٽيڻ جا چانڊ امڪان پيدا ٿي ويا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن ڪاڪ ٽيل ۾ ڪيئن ٿو ٻڏي؟

ڪاڪ ٽيل ۾ ڪيئن ٿو ٻڏي؟